# ايلاف
# اسلاميات

ٻئين ڪلاس لاءِ

## (ٽيچر گائيڊ)

ليکڪ/ سهيڙيندڙ
ابوعبدالله "ظهير"

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي پاڪستان®
ڪراچي، سکر، لاهور
SCIENCE PUBLICATIONS®
KARACHI 0332 6118855
SUKKUR 0334 8881071
LAHORE 0300 8070436
mehran_series@yahoo.com



فهرست


| سبق | نمبر |
|---|---|
| **باب پهريون قرآن مجيد ۽ حديث نبوي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 03 |
| ناظره قرآن مجيد | 03 |
| حفظ قرآن مجيد | 04 |
| حفظ، ترجمو ۽ دعائون | 04 |
| **باب ٻيو ايمان ۽ عبادتون** | 06 |
| (**الف**) **ايمان** | 06 |
| آسماني ڪتابن تي ايمان | 06 |
| ملائڪن تي ايمان | 08 |
| آخرت | 10 |
| (**ب**) **عبادتون** | 12 |
| روزو | 12 |
| عيدون ۽ اسلامي ڏڻ | 14 |
| **باب ٽيون سيرت طيبه** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 16 |
| نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ سان محبت ۽ سندن اطاعت | 16 |
| نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جا اخلاق | 19 |
| **باب چوٿون اخلاق ۽ آداب** | 21 |
| اسلامي آداب زندگي | 21 |
| وڏن جو ادب | 23 |
| جانورن ۽ پکين سان سلوڪ | 25 |
| **باب پنجون هدايت جا سرچشما ۽ اسلام جا مشاهيرِ** | 27 |
| نبين سڳورن عليهم السلام جو تعارف | 27 |

باب پهريون

# قرآن مجيد ۽ حديث نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

## (1) ناظره قرآن مجيد

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: رموز اوقاف ڇا آهن؟

جواب: رموز اوقاف اهي نشانيون آهن جيڪي قرآن پاڪ ۾ رُڪجڻ ۽ نہ رڪجڻ جي باري ۾ آيون آهن.

سوال: قرآن پاڪ ڪنهن جو ڪلام آهي؟

جواب: قرآن پاڪ الله تعاليٰ جو مبارڪ ڪلام آهي.

سوال: ڇا اسان قرآن پاڪ کي بنا وضوءَ جي پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: قرآن پاڪ کي بنا وضوءَ جي نٿا پڙهي سگهون.

سوال: قرآن پاڪ جي هڪ اکر تي گهٽيون نيڪيون ملن ٿيون؟

جواب: قرآن پاڪ جي هڪ اکر تي ڏهہ نيڪيون ملن ٿيون.

(2) **سوچي ڪري ٻڌايو تہ ڪهڙي جملي ۾ ڪهڙو لفظ ايندو:**

وضو سورة الله تعاليٰ ثواب ڏهہ

1. قرآن پاڪ **الله تعاليٰ** جو مبارڪ ڪلام آهي.
2. قرآن پاڪ پڙهڻ **ثواب** جو ڪم آهي.
3. قرآن پاڪ جي هڪ اکر پڙهڻ سان **ڏهہ** نيڪيون ملن ٿيون.
4. قرآن پاڪ پڙهڻ جي لاءِ **وضو** ڪرڻ فرض آهي.
5. قرآن پاڪ جي هر **سورت** جي شروعات بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ سان ڪرڻ گهرجي.



## (2) حفظ قرآن مجيد

## (3) حفظ، ترجمو ۽ دعائون

# تَعَوُّذْ

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: شيطان ڪير آهي؟

جواب: شيطان هڪ جن آهي، الله تعاليٰ ان کي باهہ مان پيدا ڪيو آهي.

سوال: تعوذ ڇا کي چئبو آهي؟

جواب: تعوذ، اعوذ بالله من الشيطٰن الرجيم پڙهڻ کي چئبو آهي.

سوال: تعوذ پڙهڻ سان اسان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو آهي؟

جواب: تعوذ پڙهڻ سان اسان کي الله جي مدد حاصل ٿيندي آهي.

سوال: شيطان مردود کان اسان ڪهڙي طرح بچي سگهون ٿا؟

جواب: ڪنهن بہ ڪم شروع ڪرڻ کان پهريان تعوذ پڙهڻ سان اسان شيطان کان بچي سگهون ٿا.

# تَسْمِيَه

### مشق

(2) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: اسان کي هر نيڪ ۽ سٺي ڪم ڪرڻ کان پهريان ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي هر نيڪ ۽ سٺي ڪم ڪرڻ کان پهريان بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهڻ گهرجي.

سوال: تسميہ ڇا کي چئبو آهي؟

جواب: تسميہ، بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ کي چئبو آهي.

سوال: بسم الله پڙهڻ سان اسان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو آهي؟

جواب: بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهڻ سان الله جي رضا ۽ الله جي مدد حاصل ٿيندي آهي.

سوال: بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ جو ترجمو ٻُڌايو.

جواب: الله جي نالي سان شروع جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.

## درود شريف

**مشق**

(3) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: اسان کي درود شريف ڇو پڙهڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي درود شريف الله جي خوشي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پڙهڻ گهرجي.

سوال: اسان رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي درود شريف ڇو پڙهندا آهيون؟

جواب: حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ الله تعاليٰ جا محبوب آهن، انهيءَ ڪري اسان درود شريف پڙهندا آهيون.

سوال: اسان کي ڪهڙي وقت درود شريف پڙهڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي ڏينهن رات ۾ ڪهڙي بہ وقت درود شريف پڙهڻ گهرجي.

سوال: درود شريف پڙهڻ سان اسان کي ڪهڙو فائدو حاصل ٿيندو؟

جواب: درود شريف پڙهڻ سان اسان کي تمام گهڻو ثواب ملندو ۽ اسان جا گناهہ معاف ٿيندا.



باب ٻيو

# ايمان ۽ عبادتون

## (الف) ايمان

### (1) آسماني ڪتابن تي ايمان

**مشق**

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: ايمان ڇا آهي؟

جواب: هڪ الله تي، ان جي سڀني رسولن تي، آسماني ڪتابن تي، فرشتن تي، قيامت جي ڏينهن تي، سٺي ۽ خراب تقدير تي ۽ قيامت ڪانپوءِ واري زندگيءَ تي سچي دل سان يقين رکڻ کي ايمان چئبو آهي.

سوال: الله تعاليٰ پنهنجن نبين تي آسماني ڪتاب ڇو نازل ڪيا؟

جواب: الله تعاليٰ، ماڻهن جي هدايت جي لاءِ آسماني ڪتاب نازل ڪيا.

سوال: چئني مشهور آسماني ڪتابن جا نالا ٻُڌايو.

جواب: توريت، زبور، انجيل ۽ قرآن مجيد

سوال: سڀ کان آخري آسماني ڪتاب ڪنهن تي نازل ٿيو؟

جواب: سڀ کان آخري آسماني ڪتاب قرآن مجيد اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيو.

سوال: قرآن شريف ڪهڙي ٻوليءَ ۾ نازل ڪيو ويو؟

جواب: قرآن شريف عربي ٻوليءَ ۾ نازل ڪيو ويو.

سوال: الله تعاليٰ ڪهڙي آسماني ڪتاب جي حفاظت جو ذمو پاڻ ڪنيو آهي؟

جواب: الله تعاليٰ قرآن مجيد جي حفاظت جو ذمو پاڻ ڪنيو آهي.

(2) **سوچي سمجهي ٻڌايو تہ ڪهڙي جملي ۾ ڪهڙو لفظ ايندو.**

انجيل توريت زبور آخري قرآن مجيد

1. حضرت موسيٰ عليه السلام تي **توريت** نازل ٿيو.
2. حضرت دائود عليه السلام تي **زبور** نازل ٿيو.
3. حضرت عيسيٰ عليه السلام تي **انجيل** نازل ٿيو.
4. حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي **قرآن مجيد** نازل ٿيو.
5. قرآن شريف الله تعاليٰ جو سڀ کان **آخري** ڪتاب آهي.

(3) **سوچي سمجهي ٻڌايو تہ ڪهڙو جملو صحيح آهي ۽ ڪهڙو غلط آهي.**

1. قرآن مجيد الله تعاليٰ سڀ کان آخري ڪتاب نازل ڪيو. **(صحيح)**
2. توريت حضرت دائود عليه السلام تي نازل ٿيو. **(غلط)**
3. زبور حضرت موسيٰ عليه السلام تي نازل ٿيو **(غلط)**
4. انجيل حضرت عيسيٰ عليه السلام تي نازل ٿيو. **(صحيح)**
5. الله تعاليٰ جي سڀني رسولن ۽ سڀني آسماني ڪتابن کي مڃڻ ضروري نہ آهي. **(غلط)**



# (2) ملائڪن تي ايمان

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: ملائڪ، الله تعاليٰ جي ڪهڙي مخلوق آهن؟
جواب: ملائڪ، الله تعاليٰ جي نوري مخلوق آهن.

سوال: ڇا ملائڪ پنهنجي مرضيءَ سان ڪو ڪم ڪري سگهن ٿا؟
جواب: نہ، ملائڪ الله تعاليٰ جي حڪم مطابق ڪم ڪندا آهن.

سوال: چئن مشهور ملائڪن جا نالا ٻڌايو.
جواب: حضرت جبريل عليه السلام، حضرت عزرائيل عليه السلام، حضرت ميڪائيل عليه السلام ۽ حضرت اسرافيل عليه السلام.

سوال: ٻہ ملائڪ هر مسلمان سان گڏ ڇو رهندا آهن؟
جواب: اهي الله جي حڪم سان مسلمان جي حفاظت ڪندا آهن ۽ ان جا سٺا ۽ خراب عمل لکندا رهندا آهن.

(2) **سوچي ڪري ٻڌايو تہ ڪهڙي خالي جاءِ تي ڪهڙو لفظ ايندو:**

ملائڪن قيامت روح نوري عمل

1. اسان مسلمان جي ايمان جو حصو آهي تہ اسان کي **ملائڪن** تي ايمان آڻڻو آهي.
2. ملائڪ، الله تعاليٰ جي **نوري** مخلوق آهن.
3. ٻہ ملائڪ مسلمان جا سٺا ۽ خراب **عمل** لکندا آهن.
4. حضرت اسرافيل عليه السلام جو ڪم **قيامت** جي ڏينهن کان پهريان صور ڦوڪڻ آهي.
5. حضرت عزرائيل عليه السلام جو ڪم روح **قبض** ڪرڻ آهي.

**(3) سوچي ٻڌايو تہ ڪهڙي جملي سان ڪهڙو جملو ملائڻو آهي.**

| | |
|---|---|
| حضرت جبرائيل عليه السلام جو ڪم | سڀني جاندارن لاءِ رزق ۽ مينهن جو انتظام ڪرڻ آهي. |
| حضرت عزرائيل عليه السلام جو ڪم | قيامت اچڻ کان پهريان صور ڦوڪڻ آهي. |
| حضرت ميڪائيل عليه السلام جو ڪم | الله تعاليٰ جا پيغام نبين سڳورن تائين پهچائڻ آهي. |
| حضرت اسرافيل عليه السلام جو ڪم | سڀني جاندارن جي روح کي قبض ڪرڻ آهي. |

**(4) هيٺين مان ڪهڙو جواب صحيح آهي.**

1. ملائڪ الله تعاليٰ جي مخلوق آهن.
(الف) روشني ✓(ب) نوري (ج) آسماني

2. اسان کي دوزخ کان بچڻ لاءِ ڪهڙن ڪمن کان بچڻو پوندو.
(الف) سٺن ڪمن کان ✓(ب) گناهن جي ڪمن کان
(ج) اسڪول جي ڪمن کان

3. آخرت مان مراد ڪهڙو ڏينهن آهي؟
(الف) عيد جو ڏينهن ✓(ب) قيامت جو ڏينهن
(ج) رمضان جو ڏينهن



# (3) آخرت
## (قيامت جو ڏينهن)
### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: آخرت ڇا آهي؟
جواب: آخرت مان مراد قيامت جو ڏينهن آهي، اهو ڏينهن سزا ۽ جزا جي حساب جو ڏهاڙو هوندو.

سوال: اسان سڀني جا اعمال نامہ ڪهڙي ڏينهن تي الله تعاليٰ جي سامهون پيش ڪيا ويندا؟
جواب: قيامت جي ڏهاڙي اسان جا اعمال نامہ الله تعاليٰ جي سامهون پيش ڪيا ويندا.

سوال: ڇا اسان جنت حاصل ڪري سگهون ٿا؟
جواب: جي ها، جيڪڏهن اسان نيڪ ڪم ڪريون ۽ بُرائيءَ کان بچون تہ جنت ۾ داخل ٿي سگهون ٿا.

سوال: جنهن دنيا ۾ اسان رهون ٿا، اها ڪڏهن ختم ٿيندي؟
جواب: جنهن دنيا ۾ اسان رهون ٿا، اها هڪ ڏهاڙي ختم ٿيندي ۽ قيامت اچي ويندي.

سوال: ڇا اسان کي ٻيهر جيئرو ڪيو ويندو؟
جواب: جي ها، بلڪل اسان کي ٻيهر جيئرو ڪيو ويندو ۽ اسان کان حساب ورتو ويندو.

**(2) سوچي ڪري ٻڌايو تہ ڪهڙي خالي جاءِ تي ڪهڙو لفظ ايندو:**

ايمان قيامت دوزخ جنت جيئرو

1. آخرت مان مراد قيامت جو ڏينهن آهي.
2. سڀني انسانن کي ٻيهر جيئرو ڪيو ويندو.

3. جنهن جون نيڪيون گهٽيون هونديون اهو <u>جنت</u> ۾ داخل ٿيندو.
4. جنهن جا گناهہ گهٽا هوندا اهو <u>دوزخ</u> ۾ داخل ٿيندو.
5. آخرت ۽ قيامت جي ڏهاڙي تي يقين <u>ايمان</u> جو حصو آهي.

**(3) سوچي ڪري ٻڌايو تہ ڪهڙي جملي سان ڪهڙو جملو ملائڻو آهي:**

| | |
|---|---|
| مسلمان جي ايمان جي حصي | هي ڏينهن حساب وارو ڏينهن هوندو. |
| آخرت مان مراد قيامت جو ڏينهن آهي | ۾ آخرت تي ايمان آڻڻ ضروري آهي. |
| جنهن دنيا ۾ اسان | رهون ٿا، هڪ نہ هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندي. |
| سيئي انسان قيامت جي ڏينهن | اعمال نامہ پيش ڪيا ويندا. |
| قيامت واري ڏينهن اسان جا | ٻيهر جيئرا ڪيا ويندا. |

**(4) هيٺين مان ڪهڙو جواب صحيح آهي.**

1. آخرت جي ڏينهن يعني قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ اسان جا پيش ڪيا ويندا:
✓ (الف) اعمال نامہ (ب) ڪتاب (ج) ڪاپيون
2. آخرت ۾ ڪامياب ٿيڻ جي لاءِ اسان کي ڪرڻ گهرجي:
✓ (الف) نيڪيءَ جا ڪم (ب) راند روند
(ج) موبائل گيم
3. جنهن اسان وٽ نيڪيون وڌيڪ هونديون، اهو ويندو:
✓ (الف) جنت ۾ (ب) دوزخ ۾ (ج) قبر ۾



# (ب) عبادتون

## (1) روزو

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: اسان کي الله تعاليٰ ڇو پيدا ڪيو آهي؟
جواب: اسان کي الله تعاليٰ پنهنجي عبادت ڪرڻ جي لاءِ پيدا ڪيو آهي.
سوال: ڇا سيني مسلمانن تي روزو فرض آهي؟
جواب: جي ها، سيني مسلمانن تي روزو رکڻ فرض آهي.
سوال: روزو ڇا آهي؟
جواب: سڄو ڏينهن کائڻ پيئڻ ۽ الله تعاليٰ جي ناراضگيءَ وارا ڪم ترڪ ڪرڻ روزو آهي.
سوال: روزو ڪڏهن شروع ٿيندو آهي؟
جواب: روزو صبح صادق جي وقت کان شروع ٿيندو آهي ۽ سج لهڻ تائين يعني سانجهي جي وقت ختم ٿيندو آهي.
سوال: اسان ڪيترا ڏينهن روزو رکندا آهيون؟
جواب: رمضان المبارڪ جي سڄي مهيني جا اسان تي روزا فرض آهن.

**(2) هيٺين جوابن مان صحيح جواب تي (✓) لڳايو.**

1. رمضان المبارڪ ۾ روزا رکندا آهيون:
(الف) هڪ هفتو (ب) پندرهن ڏينهن
✓ (ج) سڄو مهينو
2. ليلة القدر رمضان المبارڪ جي ڏهاڪي ۾ ٿيندي آهي:
(الف) پهرئين ڏهاڪي ۾ (ب) ٻئين ڏهاڪي ۾
✓ (ج) آخري ڏهاڪي ۾

3. رمضان المبارڪ ۾ هڪ نيڪيءَ جو اجر گهڻا دفعا وڌايو ويندو آهي؟

(الف) ڏهہ دفعا (ب) سؤ دفعا ✓ (ج) ستر دفعا

4. روزو ڪهڙي وقت شروع ٿيندو آهي:

✓(الف) سحريءَ جي وقت (ب) منجهند جي وقت

(ج) سانجهي جي وقت

(3) **سوچي ڪري ٻڌايو تہ ڪهڙي جملي سان ڪهڙو جملو ملائڻو آهي:**

| | |
|---|---|
| روزو صبح صادق کان يعني | سحريءَ کان شروع ٿيندو آهي. |
| روزو سج لهڻ يعني | سڄو مهينو روزا رکڻا هوندا آهن. |
| رمضان المبارڪ ۾ اسان کي | الله تعاليٰ کي راضي ڪرڻ وارا ڪم ڪرڻ گهرجن. |
| رمضان المبارڪ ۾ عبادت ڪرڻ سان | سڄو سال عبادت ڪرڻ جي عادت ٿي ويندي آهي. |
| رمضان المبارڪ ۾ اسان کي | سانجهي جي وقت ختم ٿيندو آهي. |



# (2) عيدون ۽ اسلامي ڏڻ

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: اسان کي الله تعاليٰ عيد ڇو عطا فرمائي؟

جواب: اسان کي الله تعاليٰ شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ عيد عطا فرمائي.

سوال: عيدالفطر ڪهڙي تاريخ ۽ مهيني ۾ ملهائي ويندي آهي؟

جواب: رمضان کان پوءِ شوال جي پهرين تاريخ تي عيدالفطر ملهائي ويندي آهي.

سوال: عيد جي ڏهاڙي اسان ڇا ڪندا آهيون؟

جواب: عيد جي ڏهاڙي اسان عيد نماز پڙهندا آهيون ۽ هڪ ٻئي کي عيد مبارڪ چوندا آهيون.

سوال: عيد الاضحيٰ يعني ٻاڪري عيد ڪڏهن ملهائبي آهي؟

جواب: اسلامي مهيني ذوالحج جي ڏهين تاريخ تي عيدالاضحيٰ يعني ٻاڪري عيد ملهائبي آهي.

سوال: عيد الاضحيٰ يعني ٻاڪري عيد واري ڏهاڙي اسان ڇا ڪندا آهيون؟

جواب: عيدالاضحيٰ واري ڏهاڙي عيد نماز پڙهي الله تعاليٰ جي راهہ ۾ جانورن جي قرباني پيش ڪندا آهيون.

(2) **سوچي ٻڌايو تہ ڪهڙو جملو صحيح آهي ۽ ڪهڙو غلط آهي:**

1. اسان عيد واري ڏينهن عيد نماز پڙهندا آهيون. **(صحيح)**
2. اسان عيد واري ڏينهن پاڪر پائي عيد مبارڪ ڏيندا آهيون. **(صحيح)**
3. اسان مِني عيد تي قرباني ڪندا آهيون. **(غلط)**

4. اسان عيد ڪان پهريان غريبن جي مدد ڪندا آهيون. **(صحيح)**

5. اسان ٻاڪري عيد تي قرباني ڪندا آهيون. **(صحيح)**

**(3) سوچي ٻُڌايو ته ڪهڙي خال ۾ ڪهڙو لفظ ايندو.**

ٻه عيدون قرباني مِٺي فطرانو ابراهيم

1. الله تعاليٰ مسلمانن کي خوشي ملهائڻ لاءِ **ٻه عيدون** عطا فرمايون آهن.
2. رمضان المبارڪ ڪانپوءِ **مِٺي** عيد ملهائي ويندي آهي.
3. عيدالاضحيٰ يعني ٻاڪري عيد واري ڏينهن ماڻهو **قرباني** ڪندا آهن.
4. قرباني ڪرڻ حضرت **ابراهيم** عليه السلام جي سنت مبارڪ آهي.
5. عيدالفطر يعني مِٺي عيد جي ڏهاڙي نماز ڪان پهريان **فطرانو** ادا ڪيو ويندو آهي.

**(4) سوچي ٻُڌايو ته ڪهڙي جملي سان ڪهڙو جملو ملائڻو آهي:**

| | |
|---|---|
| عيد الفطر يعني مِٺي عيد تي نماز | ڪان پوءِ قرباني ڪندا آهن. |
| عيدالاضحيٰ يعني ٻاڪري عيد جي ڏينهن عيد جي نماز | پڙهي ڪري ٻاڪر پائي عيد مبارڪ ڏيندا آهيون. |
| رمضان ڪان پوءِ عيدالفطر | الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ قرباني پسند ڪئي وئي. |
| عيدالاضحيٰ ذوالحج جي | مٺي عيد پهرين شوال تي ٿيندي آهي. |
| حضرت ابراهيم عليه السلام جي | ڏهين تاريخ تي ٿيندي آهي. |



باب ٽيون

# سيرتِ طيبه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

## (1) نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ۽ سندن اطاعت

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: اسان کي الله تعاليٰ ڪنهن جي فرمانبرداري ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي؟

جواب: اسان کي الله تعاليٰ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانبرادري ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

سوال: جيڪڏهن اسان کي پنهنجو ايمان مڪمل ڪرڻو آهي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي آخري نبي مڃڻ ۽ ساڻس محبت ڪرڻ ۽ سندس ڳالهين تي عمل ڪرڻ سان ايمان مڪمل ڪرڻ گهرجي.

سوال: جيڪڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪنداسين ۽ سندن ڳالهين کي مڃينداسين ته اسان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟

جواب: جيڪڏهن اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪنداسين ۽ سندن ڳالهين تي عمل ڪنداسين ته جنت ۾ ويندا سين.

سوال: جيڪڏهن اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت نه ڪريون ۽ سندن ڳالهين تي عمل به نه ڪريون ته ڇا ايمان مڪمل ٿي سگهي ٿو؟

جواب: جي نه، اسان جو ايمان مڪمل نٿو ٿي سگهي.

سوال: الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ اطاعت رسول بابت ڇا ارشاد فرمايو آهي؟

جواب: الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي ته جنهن آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ڪئي، ان الله جي اطاعت ڪئي.

(2) **سوچي ڪري ٻڌايو ته اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت ۾ ڪهڙو عمل ڪندا آهيون.**

1. ڇا اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان سڀ کان وڌيڪ محبت ڪريون ٿا؟ **(ها)**
2. ڇا اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سنتن تي عمل ڪريون ٿا. **(ها)**
3. ڇا اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي اکين جو ٺار نماز پڙهون ٿا. **(ها)**
4. ڇا اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي خوش ڪرڻ وارا ڪم ڪريون ٿا. **(ها)**

(3) **ڏنل جملن ۾ ڪي پاڻ ملايو ۽ جملا مڪمل ڪريو:**

| | |
|---|---|
| الله تعاليٰ اسان کي مسلمان بڻايو | منع فرمائي آهي، اسان کي اهو نه ڪرڻ گهرجي. |
| اسان کي پنهنجي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ | جي ڳالهين تي عمل ڪرڻو آهي. |
| اسانکي پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ | ۽ پنهنجي پياري نبي جي امت ۾ پيدا فرمايو. |
| جنهن ڪم کان اسان کي حضور | ته جنت ملندي |
| جيڪڏهن اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪنداسين ۽ سندن ڳالهين تي عمل ڪنداسين. | سان تمام گهڻي محبت ڪرڻي آهي. |



(4) **سوچي ڪري ٻڌايو ته ڪهڙو لفظ ڪهڙي خال ۾ لکڻو آهي:**

**محبت ايمان ڳالهين محبت**

1. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي آخري نبي مڃڻ سان اسان جو **ايمان** مڪمل ٿيندو.
2. اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان گهڻي **محبت** ڪئي ته اسان جو ايمان مڪمل ٿيندو.
3. اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي **ڳالهين** تي عمل ڪيو ته اسان جو ايمان مڪمل ٿيندو.
4. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جنهن سان محبت ڪئي، اسان کي به ان سان **محبت** ڪرڻ گهرجي.

## (2) **نبي ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ **جا اخلاق**

**مشق**

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: اخلاق جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: اخلاق جو مطلب آهي سٺيون عادتون.

سوال: اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جون ڪهڙيون عادتون هيون.

جواب: اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ کي الله تعاليٰ بهترين عادتن وارو بڻايو هو.

سوال: اسان جا پيارا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جڏهن به واعدو ڪندا هئا، ته ڇا ڪندا هئا؟

جواب: اسان جا پيارا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جڏهن به واعدو ڪندا هئا، ته پورو ڪندا هئا.

سوال: هڪ سٺي انسان کي ڪيئن هجڻ گهرجي؟

جواب: هڪ سٺي انسان کي سچ ڳالهائيندڙ، واعدو پورو ڪندڙ، محبت ڪندڙ، رحم ڪندڙ هجڻ گهرجي.

سوال: هڪ خراب انسان ۾ ڪهڙيون خرابيون هونديون آهن؟

جواب: هڪ خراب انسان ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، واعدو پورو نه ڪندو آهي، گاريون ڏيندو آهي، پنهنجي ماءُ پيءُ کي به ستائيندو آهي، استاد صاحبان کي به تنگ ڪندو آهي، اسڪول جو ڪم به نه ڪندو آهي، سدائين وڙهندو رهندو آهي.

(2) **غور سان ٻڌو، سوچيو ۽ جواب ها يا نه ۾ ڏيو:**

1. ڇا توهان سدائين سچ ڳالهائيندا آهيو؟ **(ها)**
2. ڇا توهان پنهنجي ڪلاس ۾ ڪنهن سان وڙهندا آهيو؟ **(نه)**



3. ڇا توهان ڪنهن کي گار ڏيندا آهيو؟ **(نه)**
4. ڇا توهان پنهنجي پيءُ ماءُ کي ته نه ستائيندا آهيو؟ **(نه)**
5. ڇا توهان ڪنهن سان ڪوڙ ته نه ڳالهائيندا آهيو؟ **(نه)**

(3) **جيڪڏهن ڪوئي اسان کي هن قسم جا جملا چئي ته ان جو ڇا مطلب هوندو آهي. ٿورو سوچيو ڇا توهان ۾ ته اهڙي ڪائي ڳالهه ناهي.**

1. جيڪڏهن ڪو اسان کي ائين چوي ته هن ٻار جا اخلاق سٺا ناهن ته؟
2. جيڪڏهن ڪو اسان کي ائين چوي ته هي واعدي خلافي ڪري ٿو ته؟
3. جيڪڏهن ڪو اسان کي ائين چوي ته هي ماري ٿو ته؟
4. جيڪڏهن ڪو اسان کي ائين چوي ته هي پنهنجي ماءُ پيءُ کي ستائي ٿو ته؟
5. جيڪڏهن ڪو اسان کي ائين چوي ته هي ٻار پنهنجي استاد جي ڳالهه نٿو مڃي ته؟
6. جيڪڏهن ڪو اسان کي ائين چوي ته هي ڪوڙ ڳالهائي ٿو ته؟

**انهن ڳالهين جو مطلب آهي ته اسان جا اخلاق سٺا نه آهن.**

باب چوٿون

# اخلاق ۽ آداب

## (1) اسلامي آدابِ زندگي

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: هن سبق مان اسان ڇا سکيو؟

جواب: اسلام هڪ مڪمل دين آهي. اهو اسانکي زندگي گذارڻ جي باري ۾ مڪمل معلومات ڏئي ٿو.

سوال: اسان کي ڪهڙي طرح زندگي گذارڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي گڏجي سڏجي رهڻ گهرجي، پاڙيسرين جو خيال رکڻ، پنهنجي والدين ۽ استاد صاحبان جو، پيٽ پائرن جو خيال رکڻ گهرجي، ايستائين جو کاڌي کائڻ، پاڻي پيئڻ جهڙا ڪم اسلام جي مطابق ڪري زندگي گذارڻ گهرجي.

سوال: اسلام ڪنهن سان ڳالهائڻ جي باري ۾ ڪهڙا آداب سيکاري ٿو؟

جواب: اسلام اسان کي پنهنجي والدين سان ادب سان، پنهنجي استاد جي سامهون ادب سان ۽ پيٽ پائرن، دوستن سان آرام سان هلڪي آواز ۾ ڳالهائڻ سيکاري ٿو.

سوال: اسلام اسان کي پاڻي پيئڻ بابت ڇا سيکاري ٿو؟

جواب: اسلام اسان کي پاڻي ويهي، ڏسي، ساڄي هٿ سان، ٽن ساهين ۾ پيئڻ جو حڪم ڏئي ٿو.

سوال: اسان کي کائڻ پيئڻ بابت اسلام ڇا ٿو سيکاري؟

جواب: اسلام اسان کي ساڄي هٿ سان ويهي، هٿ ڌوئي، بِسۡمِ اللہ پڙهي ۽ دعا گهري کاڌو کائڻ سيکاري ٿو.



(2) **ڇا اسان روزمره زندگي ۾ هنن ڳالهائين تي عمل ڪندا آهيون، ها يا نه ۾ جواب ڏيو:**

1. ڇا اسان پنهنجي والدين ۽ استاد صاحبان جو ادب ڪندا آهيون. **(ها)**
2. ڇا اسان کاڌي کائڻ کان اڳ ۾ هٿ ڌوئيندا آهيون؟ **(ها)**
3. ڇا اسان کاڌو ساڄي هٿ سان ۽ آرام سان کائيندا آهيون. **(ها)**
4. ڇا اسان پاڻي بسم الله پڙهي، ويهي، ساڄي هٿ سان ۽ ٽن ساهين ۾ پيئندا آهيون؟ **(ها)**
5. ڇا اسان کي کاڌي کائڻ کان اڳ ۽ پوءِ واري دعا ياد آهي؟ **(ها)**

(3) **سوچي ٻڌايو ته هيٺين جوابن مان ڪهڙو جواب صحيح آهي؟**

1. اسان مسلمانن کي الله تعاليٰ مڪمل ___ عطا فرمايو آهي.
   ✓ (الف) دين اسلام (ب) پاڪستان (ج) ملڪ
2. اسلام اسان کي ______ جو احترام ڪرڻ سيکاري ٿو.
   (الف) ادب ✓ (ب) پاڙيسرين (ج) آسمان
3. اسلام اسان کي هميشه _____ ڳالهائڻ جو حڪم ڏئي ٿو.
   (الف) ڪڏهن سچ ڪڏهن ڪوڙ (ب) ڪوڙ
   ✓ (ج) سچ
4. اسلام اسان کي پاڻي _____ ۾ پيئڻ لاءِ چوي ٿو.
   ✓ (الف) ٽن ساهين (ب) هڪ ڍڪ (ج) ٽڪڙ
5. اسلام اسان کي ______ کاڌي کائڻ ۽ پاڻي پيئڻ جو حڪم ڏئي ٿو.
   (الف) بيهي ڪري ✓ (ب) ويهي ڪري
   (ج) سمهي ڪري

# (2) وڏن جو ادب

## مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: اسلام اسان کي پنهنجن وڏن جي باري ۾ ڇا سيکاري ٿو؟

جواب: اسلام اسان کي پنهنجي والدين، استاد صاحبان ۽ پاڻ کان وڏي عمر ماڻهن جو احترام ڪرڻ سيکاري ٿو.

سوال: اسان پنهنجن وڏن جو ادب ڪنداسين ته ڇا ٿيندو؟

جواب: اسان پنهنجن وڏن جو ادب ڪنداسين ته اهي اسان کان خوش ٿي، اسان جي لاءِ دعا ڪندا ۽ الله تعاليٰ به اسان سان راضي ٿيندو.

سوال: اسان جا وڏا اسان جي لاءِ ڇا ڪندا آهن؟

جواب: اسان جا وڏا اسان جي هر شيءِ جو خيال ڪندا آهن ۽ اسان کي خوش رکن ٿا.

سوال: اسان پنهنجن وڏن جو ڇا ڪندا آهيون؟

جواب: اسان پنهنجن وڏن جو احترام ڪندا آهيون ۽ انهن جي هر ڳالهه مڃيندا آهيون.

سوال: ڇا اسان کي به پنهنجن وڏن ۽ بزرگن جي مدد ڪرڻ گهرجي؟

جواب: جي ها! اسان کي پنهنجن وڏن ۽ بزرگن جي مدد ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جون دعائون وٺڻ گهرجن.

**(2) ڇا اسان روزانو هنن ڳالهين تي عمل ڪري پنهنجن وڏن جو ادب ڪريون ٿا؟ ها يا نه ۾ جواب ڏيو:**

1. ڇا توهان روزانو گهر وڃي گهر جي ڀاتين کي سلام ڪندا آهيو؟ **(ها)**
2. ڇا توهان روزانو پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڳالهه مڃيندا آهيو؟ **(ها)**



3. ڇا توهان پنهنجي ماءُ پيءُ کي ستائيندا آهيو؟ **(نه)**
4. ڇا توهان پنهنجي استاد جو ادب ڪندا آهيو؟ **(ها)**
5. ڇا توهان روزانو پنهنجو هوم ورڪ ڪندا آهيو؟ **(ها)**

**(3) هيٺين مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. دين اسلام اسان کي پنهنجن وڏن جو ______ ڪرڻ جو حڪم ڏي ٿو.
   (الف) شڪر　(ب) ذڪر　✓ (ج) ادب
2. ان شخص جو تعلق اسان سان ناهي، جيڪو پنهنجن ______ جو ادب نٿو ڪري.
   ✓ (الف) وڏن　(ب) ننڍن　(ج) دوستن
3. اسان جا وڏا اسان جي تعليم جو ______ رکن ٿا.
   (الف) خرچ　✓ (ب) خيال　(ج) نه
4. جيڪڏهن اسان پنهنجن وڏن جو ادب ڪندسين ته اهي ______ ٿي، دعا ڪندا.
   (الف) ناراض　(ب) غضبناڪ　✓ (ج) خوش
5. ڇا اسان پنهنجي ______ جي خدمت ڪندا آهيون؟
   ✓ (الف) ماءُ پيءُ　(ب) دوست　(ج) ڀاءُ

# (3) جانورن ۽ پکين سان سلوڪ

## مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: الله تعاليٰ، انسانن جي فائدي لاءِ ٻيو ڇا ڇا پيدا ڪيو آهي؟

جواب: الله تعاليٰ، انسانن جي فائدي لاءِ جانورن، پکين، ٻوٽن، وڻن کي بہ پيدا ڪيو آهي.

سوال: الله تعاليٰ جانورن ۽ وڻن کي ڇو پيدا ڪيو آهي؟

جواب: الله تعاليٰ جانورن ۽ وڻن کي اسان جي فائدي لاءِ پيدا ڪيو آهي.

سوال: وڻن مان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟

جواب: وڻن مان اسان کي ميوا ملندا آهن.

سوال: جانورن مان اسان کي ڪهڙو فائدو ملندو آهي؟

جواب: اسان حلال جانورن کي ڪائيندا آهيون ۽ انهن جون کلون ۽ عضوا استعمال ۾ آڻيون ٿا.

سوال: اسان کي جانورن ۽ پکين سان ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي جانورن ۽ پکين سان پيار ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ گهرجي.

**(2) غور سان پڙهو، سمجهو ۽ جواب ها يا نہ ۾ ڏيو:**

1. اسان وڻن جو ميوو ڪائون ٿا. **(ها)**
2. اسان ٻني ٻاري مان ان اپايون ٿا. **(ها)**
3. اسان حلال جانورن جو گوشت ڪائون ٿا. **(ها)**
4. اسان حلال پکين جي کل ڪائون ٿا. **(نہ)**
5. اسان جانورن ۽ پکين جو خيال ڪريون ٿا. **(ها)**



**(3) هيٺين جوابن مان صحيح جواب چونڊيو:**

1. الله تعاليٰ اسان انسانن سان گڏ جانورن، پکين ۽ وڻن کي اسان جي ______ لاءِ پيدا ڪيو آهي.
(الف) نقصان (ب) ڪيڏڻ ✓ (ج) فائدي
2. وڻن مان اسان کي ______ ملن ٿا.
✓ (الف) ميوا (ب) گل (ج) موتي
3. ٻوٽن مان اسان کي ______ ملن ٿا.
(الف) گل ✓ (ب) ميوو (ج) سون
4. حلال جانورن مان اسان کي ______ ملي ٿو.
✓ (الف) گوشت (ب) ڪتاب (ج) نقصان
5. اسان کي جانورن تي ______ ڪرڻ گهرجي.
✓ (الف) رحم (ب) پيار (ج) دوستي
6. جانورن تي رحم ڪرڻ سان اسان جي دل ۾ ______ پيدا ٿيندي.
(الف) محبت ✓ (ب) همدردي (ج) پيار

باب پنجون

# هدايت جا سرچشما ۽ مشاهير اسلام
# نبي سڳورن عليهم السلام جو تعارف

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب لکو.**

سوال: حضرت آدم عليه السلام جي باري ۾ ٻڌايو؟

جواب: حضرت آدم عليه السلام سڀ کان پهريان نبي بڻجي دنيا ۾ آيا.

سوال: حضرت موسيٰ عليه السلام جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو؟

جواب: حضرت موسيٰ عليه السلام مصر ۾ پيدا ٿيا ۽ پنهنجي قوم کي فرعون کان نجات ڏياري هئائون.

سوال: حضرت دائود عليه السلام جي باري ۾ توهان ڇا ٿا ڄاڻيو؟

جواب: حضرت دائود عليه السلام الله تعاليٰ جا پيارا رسول آهن، کين حڪومت به عطا ڪئي وئي هئي.

سوال: حضرت عيسيٰ عليه السلام کي ڪهڙو ڪتاب عطا ڪيو ويو؟

جواب: حضرت عيسيٰ عليه السلام کي آسماني ڪتاب انجيل عطا ڪيو ويو.

سوال: الله تعاليٰ سڀ کان آخري نبي ڪنهن کي بڻائي موڪليو؟

جواب: الله تعاليٰ سڀ کان آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ کي بڻائي موڪليو، هاڻي ڪو به نبي ۽ رسول نه ايندو.



(2) **هيٺين جملن کي پاڻ ۾ ملايو:**

| | |
|---|---|
| حضرت موسيٰ عليه السلام کي | ڪتاب زبور عطا ڪيو ويو. |
| حضرت دائود عليه السلام کي | ڪتاب توريت عطا ڪيو ويو. |
| حضرت عيسيٰ عليه السلام کي | آسماني ڪتاب قرآن مجيد عطا ڪيو ويو. |
| اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ کي | سيني جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو ويو. |
| اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ کي | ڪتاب انجيل عطا ڪيو ويو. |

(3) **هيٺين جوابن مان ڪهڙو جواب صحيح آهي:**

1. آسماني ڪتاب زبور حضرت ______ عليه السلام کي عطا ڪيو ويو.
(الف) موسيٰ (ب) عيسيٰ ✓ (ج) دائود

2. آسماني ڪتابن قرآن مجيد حضرت ______ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ کي عطا ڪيو ويو.
✓ (الف) محمد (ب) آدم (ج) ابراهيم

3. آسماني ڪتاب توريت حضرت ______ عليه السلام کي عطا ڪيو ويو.
(الف) آدم (ب) دائود ✓ (ج) موسيٰ

4. آسماني ڪتاب انجيل حضرت ______ عليه السلام کي عطا ڪيو ويو.
(الف) آدم ✓ (ب) عيسيٰ (ج) موسيٰ

5. سيئي نبي سڳورا عليهم السلام انسانن مان هئا ۽ ______ هئا.
✓ (الف) مرد (ب) عورت (ج) جن

6. حضرت عيسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ ______ ڪندا هئا ته بيمار تندرست ٿي ويندا هئا.
(الف) سڏ ✓ (ب) دعا (ج) نظر